# علمِ دين جا فضائل

**07 June 2018**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brohters)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# علمِ دين جا فضائل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فَرمانِ رَحمت نِشان آهي: جيڪو مون تي دُرُو د پڙهندو آهي، ان جو دُرُود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان اُن جي لاءِ اِستِغفار ڪندو آهيان ۽ ان کان عِلاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن. (معجم اوسط ،من اسمه احمد،١/ ۴۴۶،رقم: ١۶۴٢)

ذِکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے میری فُضُول گوئی کی عادَت نِکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## راهِ علم

حضرت سَيِدُنا ابُوالحسن فقيهہ صفار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان مشهور محدث حضرت سَيِدُنا حسن بن سُفيان نَسَوِي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمتِ بابرڪت ۾ رهندا هئاسين، هڪ ڀيري انهن فرمايو: ٻڌو! جڏهن مون کي علم دين سکڻ جو شوق ٿيو تہ مان ان وقت نوجوان هئس، منهنجي ڏاڍي خواهش هئي تہ مان حديث ۽ فقہ جو علم حاصل ڪريان. پوءِ اسان ڪجهہ دوست (Friends) علم دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ مصر ڏانهن روانا ٿياسين ۽ اسان اهڙن استادن ۽ محدث سڳورن جي ڳولها شروع ڪئي، جيڪي پنهنجي دور جا سڀ کان وڌيڪ

حديث جا ماهر ۽ سڀ کان وڏا فقيهه ۽ حافظُ الحديث هجن، گهٽي ڳولها کان پوءِ اسان ان زماني جي سڀ کان وڏي محدث وٽ پهتاسين، هو اسان کي روزانو تمام ٿوري تعداد ۾ حديثون لکرائيندو هو. اسان سڀئي دوست هڪ مسجد ۾ رهندا هئاسين، ڪو بہ اسان جي مشقتن ۽ تڪليفن کان واقف نہ هو ۽ نہ ئي اسان ڪڏهن پنهنجي تنگدستي ۽ غربت جي ڪنهن سان شڪايت ڪئي، هاڻ اسان وٽ ڪاڏي جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو هو، نيٺ اسان 3 ڏينهن ۽ 3 راتيون بک جي حالت ۾ گذاريون. اسان جي ڪمزوري ايتري وڌي وئي جو اسان چُري بہ نہ پئي سگهيا سين. چوٿين ڏينهن بک سبب اسان جي حالت وڏيڪ خراب هئي، پوءِ مون مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي نماز پڙهڻ شروع ڪئي ۽ برڪت واري نالن جي وسيلي سان دعا ڪئي. اجا مان دعا مان فارغ بہ نہ ٿيو هئس جو مسجد ۾ هڪ نوجوان داخل ٿيو ۽ پڇيائين: توهان مان حسن بن سفيان (رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ) ڪير آهي ؟ چيم: مان آهيان، هن نوجوان چيو: اسان جي شهر جي حاڪم (Ruler) ”طولون“ اوهان جي لاءِ هي ڪاڏو موڪليو آهي. مون ان نوجوان کي چيو: توهان جي حاڪم کي اسان جي باري ۾ خبر ڪنهن ڏني آهي؟ تہ هو نوجوان چوڻ لڳو: مان پنهنجي حاڪم جو خاص خادم آهيان. اڄ صبح حاڪم مون کي سڏي چيائين: فُلاڻي پاڙي جي فلاڻي مسجد ۾ وڃ، هي ڪاڏو ۽ رقم بہ کڻي وڃ ۽ نهايت احترام سان انهن جي بارگاهہ ۾ پيش ڪجان، اهي دِين جا طالب 3 ڏينهن ۽ 3 راتين کان بکايل آهن ۽ منهنجي طرفان انهن کان معذرت ڪجان تہ مان انهن جي حالت کان بي خبر رهيس، جڏهن تہ اهي منهنجي شهر ۾ هئا، سڀاڻي مان انهن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي معافي گهرندس. ان نوجوان اسان کي ٻڌايو تہ جڏهن مون حاڪم کان اهي ڳالهيون ٻڌيون تہ مون عرض ڪيو: حضور! آخر ڪهڙو واقعو پيش آيو آهي؟ حاڪم چيو: مان آرام جي لاءِ پنهنجي بستر تي ليٽيس، اجا منهنجون اکيون بند ئي ٿيون هيون جو مون خواب ۾ هڪ گهوڙي سوار کي ڏٺو، ان جي هٿ ۾ هڪ نيزو هو ان نيزي جي چهنب منهنجي پاسي ۾ رکي چيائين: هڪدم بيدار ٿي

۾ حسن بن سفيان ۾ انهن جي ساٿين کي ڳولهي، اهي دِين جا شاگرد راهِ خدا جا مسافر 3 ڏينهن کان بکايل آهن ۽ فُلاڻي مسجد ۾ ترسيل آهن. مون ان سوار کان پڇا ڪئي: اوهان ڪير آهيو؟ ان چيائين: مان جنت جي ملائڪن مان هڪ ملائڪ آهيان ۽ توکي هنن دِين جي طالبن جي احوال کان خبردار ڪرڻ آيو آهيان، هڪدم انهن جي خدمت جو انتظام ڪريو. ايترو چوڻ کان پوءِ هو سوار منهنجي نگاهن کان غائب ٿي ويو ۽ منهنجي اک کلي پئي، بس ان وقت کان منهنجي پاسي ۾ گهڻو سور ٿي رهيو آهي. توهان اهو سڄو مال ۽ کاڌو وغيره کڻي انهن دِيني شاگردن (Student) جي خدمت ۾ پيش ڪريو ته جيئن مون کان اها تڪليف پري ٿي وڃي.

حضرت سيدنا حسن بن سُفيان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: ان نوجوان کان اهي ڳالهيون ٻڌي اسان سڀ گهڻو حيران ٿياسين ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ ان رحيم وڪريم مالڪ جي عطا تي شڪر جو سجدو ادا ڪيوسين.

پوءِ اسان سڀني دوستن اهو فيصلو ڪيو ته هينئر رات ئي جو اسان کي هن هنڌان وڃڻ گهرجي، نه ته اسان جو واقعو ماڻهن ۾ مشهور ٿي ويندو ۽ حاڪمِ شهر اسان جي حالت کان واقف ٿي اسان جو ادب ۽ احترام ڪندو، اهڙي طرح ماڻهن ۾ اسان جي نيڪ نامي ٿي ويندي، ٿي سگهي ٿو پوءِ اسان رياڪاري (ڏيکاءُ) ۽ تڪبر جي آفت ۾ مبتلا ٿي وڃون. ان ڪري اسان سڀئي دوست راتو رات اتان نڪتاسين ۽ مختلف علائقن ۾ هليا وياسين. علمِ دين جي راهه ۾ اهڙين تڪليفن ۽ مشقتن تي صبروشڪر ڪرڻ جي ڪري اسان مان هر هڪ پنهنجي دور جو بهترين محدث ۽ ماهر فقيهه بڻيو ۽ علمِ دِين جي برڪت سان اسان کي بارگاه خداوندي ۾ اعليٰ مقام عطا ڪيو ويو.

(عيون الحکايات،ص١١٣ملخصاً)

علم حاصل کرو جہل زائل کرو پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## علمِ دين جي فضيلتن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! اسان جا بُزرگ سڳورا علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙي ڪهڙي مشقت ۽ پريشاني برداشت ڪندا هئا. بڪ، اُڃ ۽ حالات جي تنگي به انهن جي علم دِين واري جذبي کي ختم نه ڪري سگهي. انهن الله وارن تي جڏهن ڪا مصيبت ۽ آزمائش ايندي هئي ته اهي حضرات شڪوه شڪايت ڪرڻ بدران نماز ۽ الله پاڪ جي مقدس نالن جي ذريعي الله پاڪ کان مدد گهرندا هئا. طالبِ علمي واري دور کان ئي گمنامي جي زندگي گذارڻ انهن کي بيحد پسند هو، پنهنجي وڏائي چاهڻ ۽ ماڻهن ۾ مشهوري ڪرائڻ جهڙين بُرين عادتن کان پاڻ کي گهڻو بچائيندا هئا. انهن جي اِخلاص جو عالم ته ڏسو جڏهن انهن کي اهو خوف ٿي ويندو هو ته ڪٿي انهن جي شهرت ۽ واه واه نه ٿئي ته هي الله وارا ان هنڌ کي هميشه جي لاءِ ڇڏي ڪنهن اهڙي هنڌ هليا ويندا هئا جتي انهن کي ڪو سڃاڻڻ وارو نه هوندو هو. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان به بُزرگانِ دِين رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیهِم اجمعین جي نقشِ قدم تي هلندي انتهائي ذوق ۽ شوق سان علم دِين حاصل ڪريون، تڪبر، شهرت جي طلب ۽ حُبّ جاهِ جهڙين خطرناڪ آفتن کان بچندا رهون، اخلاص جو دامن مضبوطي سان پڪڙي رکون، علم حاصل ڪرڻ دوران ايندڙ مشڪلاتن ۽ پريشانين کي خوش دلي سان برداشت ڪندي الله پاڪ جي رحمت تي نظر رکون ۽ هرحال ۾ الله پاڪ جي رحمت تي ڀروسو ڪريون، ڇوته جيڪي ماڻهو الله پاڪ جي ذات تي ڪامل ڀروسو رکندا آهن الله پاڪ انهن جي لاءِ ان راه ۾ آسانيون پيدا ڪندو آهي. هن حڪايت مان اهو به معلوم ٿيو ته علمِ دِين اهڙي شيءِ آهي جيڪا انسان کي دِين ۽ دنيا ۾ عزت وارو ڪندي آهي.

صدرُالشريعه مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: علم اهڙي شيءِ ناهي جنهن جي فضيلت ۽ خُوبين کي بيان ڪرڻ جي حاجت هجي، سڄي دنيا ڄاڻي ٿي ته علم نهايت بهتر شيءِ آهي، ان کي حاصِل ڪرڻ فضيلت جو سبب

آهي. هيءَ اها شيءِ آهي جنهن سان اِنساني زندگي ڪامياب ۽ خُوشگوار ٿيندي آهي ۽ انهيءِ سان دنيا ۽ آخرت سُڌرندي آهي. ۽ ان جي قرآن و حديث ۾ ساراهه بيان ٿي آهي ۽ ان جي تعليم ڏانهن توجهه ڏياري وئي آهي. قرآنِ ڪريم ۾ گهڻن موقعن تي ان جون خوبيون صراحةً (يعني واضح لفظن ۾) يا اشارةً بيان ڪيون ويون آهن. (بهار شريعت ، ۶۱۸/۳، ملخصاً)

اچو! علم حاصل ڪرڻ جو شوق بيدار ڪرڻ جي لاءِ قرآنِ پاڪ مان عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ وارن جون ڪجهه فضيلتون پڙهون:

سيپارو 28، سُوْرَةُ الْمُجَادَلَة، آيت نمبر 11 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ (پ 28، مجادله، 11)

**ترجموڪنزالايمان**: الله درجا بلند فرمائي ٿو توهان مان انهن جا، جن ايمان آندو ۽ جن کي علم ڏنو ويو.

سيپارو 23، سُوْرَةُ الزُّمَر، آيت نمبر 9 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ هَلْ يَسْتَوِى الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ

**ترجموڪنزالايمان**: تون فرماءِ ڇا برابر آهن ڄاڻڻ وارا ۽ اڻ ڄاڻ

سيپارو 22، سُوْرَةُ الْفَاطِر، آيت نمبر 28 ۾ الله پاڪ جو ارشاد آهي :

اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا ؕ

**ترجموڪنزالايمان**: الله کان سندن ٻانهن مان اهي ئي ڊڄندا آهن جيڪي علم وارا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آيتِ سڳورين مان اسان کي ڪجهه مدني گل حاصل ٿيا، مثال طور عالم سڳورا وڏي درجي وارا آهن ❖ الله پاڪ عالم سڳورن جي درجات جي بلندي جو وعدو ڪيو آهي ❖ عالم سڳورن کي الله

پاڪ جي فضل و ڪرم سان دنيا ۽ آخرت ۾ عزت ضرور ملندي ❖ جڏهن علم وارا ۽ بي علم برابر نہ آهن تہ اطاعت گذار ۽ فرمانبردار ۽ غافل ۽ نافرمان ڪيئن برابر ٿي سگهن ٿا ❖ علم وارن جو شان اهو آهي تہ هو الله پاڪ کان ڊڄن ٿا ❖ عالم سڳورن کي عام ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ الله پاڪ کان ڊڄڻ گهرجي ❖ ماڻهن کي بہ الله پاڪ کان ڊڄڻ جي ترغيب ڏيڻ گهرجي ❖ علم وارا وڏي مرتبي وارا آهن ❖ الله پاڪ پنهنجي خوف کي هنن (عِلم وارن) ۾ مُنحَصَر ڪيو آهي ❖ علم وارن مان مراد اهي آهن جيڪي دِين جو علم رکندا هجن ۽ انهن جا عقيدا ۽ عمل درست هجن. (تفسيرصراط الجنان سے ماخوذ)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عالم سڳورن کي الله پاڪ ڪيتري قدر بزرگي ۽ رتبو عطا ڪيو آهي، انهن جي فضيلتن کي مڪمل طور تي بيان ڪرڻ تہ گهڻو مشڪل آهي. عالمن جي فضيلت ۽ عظمت قيامت جي ڏينهن ظاهر ٿيندي جڏهن عام ماڻهن کي تہ حساب ڪتاب جي لاءِ روڪيو ويندو پر عالمن کي انهن ماڻهن جي شفاعت جي لاءِ روڪيو ويندو. الله پاڪ قرآنِ مجيد ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ احاديثِ طيبہ ۾ عالمن جون ڪوڙ فضيلتون بيان ڪيون آهن. عالمن جي باري ۾ فرمايائون تہ الله پاڪ پنهنجو خوف ۽ خشيت عالمن جي دلين ۾ رکيو آهي، عالمن جي درجات کي بلند فرمايو، عالمن کي بين ماڻهن تي فضيلت عطا ڪئي، عالمن کي علم سيکارڻ تي غزوات ۾ شرڪت جو ثواب عطا ڪندو آهي، عالمن کي آسمانِ هدايت جا تارا ٻڌايو، عالمن کي انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ الصلوۃ والسلام جو وارث (Heir) ٻڌايو، عالمن جي لاءِ مقامِ شفاعت جو وعدو فرمايو، عالمن کي عبادت گذارن تي فضيلت عطا فرمائي، عالمن کي ماڻهن جي لاءِ حقيقي رهنما قرار ڏنو، عالمن جي مجلس کي انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ الصلوۃ والسلام جي مجلس جيان قرار ڏنو، عالمن جي بي ادبي کي باعثِ هلاڪت قرار ڏنو، ڪيئي صورتن ۾ انهن جي بي ادبي کي ڪفر قرار ڏنو،

عالمن جي مجلسن کي هدايت جو سبب فرمايو، عالمن جي ڪثرت کي باعثِ خير ۽ عالمن جي قِلت کي جهالت جو سبب قرار ڏنو. (علم ۽ علماء ،ص۹۹بتغير)

## علم ئي سان خوفِ خدا پيدا ٿيندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ عالم سڳورن جو وجود دِين ۽ دنيا جي سعادتن ۽ بي شمار خوبين جو جامع آهي. ياد رکو! علمِ دِين جي فائدن مان هڪ فائدو خوفِ خدا جو حصول بہ آهي جيئن تہ تفسير صراطُ الجنان جلد 8 صفحي 198 تي آهي تہ خوف ۽ خَشيت جو مدار ڏجڻ واري جي علم ۽ ان جي معرفت تي آهي ۽ جيئن تہ مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ اللّٰه پاڪ جي صفتن جي معرفت ۽ اللّٰه پاڪ جي ذات جي باري ۾ علم حضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي آهي، ان ڪري پاڻ ئي مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ اللّٰه تعاليٰ کان ڏجن ٿا. صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم جي حديث ۾ آهي ’ رحمت عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو ”اللّٰه پاڪ جو قسم! مان اللّٰه تعاليٰ کي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيان ۽ سڀ کان وڌيڪ ان جو خوف رکندڙ آهيان. (بخاري، ڪتاب الادب، باب من لم يواجه الناس بالعتاب، ۱۲۷/۴، الحديث: ۶۱۰۱، مسلم، ڪتاب الفضائل، باب علمه صلي الله عليه وسلم بالله تعالي وشدّة خشيته، ص۱۲۸۱، الحديث: ۱۲۷(۲۳۵۶)) (لهٰذا) ماڻهن کي گهرجي تہ وڌ کان وڌ اللّٰه تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جي صحيح طريقي سان معرفت ۽ علم حاصل ڪن تہ جيئن انهن جي دلين ۾ اللّٰه تعاليٰ جو خوف گهڻو ٿئي. (صراط الجنان ، ۱۹۸/۸)

مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم ترے خوف سے یاخدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ جيڪو علم رکي ٿو ان کي ٻين جي مقابلي ۾ اللّٰه پاڪ جو خوف بہ گهڻو هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ علم هڪ اهڙي صفت(Attribute) آهي جيڪا انسان کي اللّٰه پاڪ جي رِضا جي مطابق زندگي

گذارڻ تي آماده ڪندي آهي، ان جي ناراضي وارن ڪمن کان پري رڪندي آهي، جڏهن هو گناهه ڪرڻ لڳندو آهي تہ ان جو انجام بہ ان جي پيشِ نظر هوندو آهي، عذابِ آخرت کان بہ خبردار هوندو آهي، جيڪڏهن بتقاضاءِ بشريت ڪڏهن گناهه ڪندو آهي تہ هڪدم شرمسار ٿي توبہ ۽ استغفار ڪندو آهي. اها خوبي دنيا جي ڪنهن بہ علم سان پيدا ناهي ٿيندي بلڪ علمِ دِين ئي انسان ۾ الله پاڪ جو خوف پيدا ڪندو آهي.

## علم دِين جا فائدا

حضرتِ سيدنا مُعَاذ بن جَبَل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي مَحبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: علم حاصل ڪريو ڇوتہ الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ علم سکڻ خوفِ خدا آهي، علم تلاش ڪرڻ عبادت آهي، علم جي تڪرار ڪرڻ تسبيح ۽ علم جي جستجو ڪرڻ جهاد آهي، بي علم کي علم سيکارڻ صدقو آهي ۽ علم کي اهل تي خرچ ڪرڻ قربت يعني نيڪي آهي ڇوتہ علم حلال ۽ حرام جي سڃاڻپ جو ذريعو آهي، علم اهلِ جنت جي راهه جو نشان آهي ۽ علم خوف ۾ باعثِ راحت آهي، علم سفر ۾ هم نشين آهي، علم تنهائي جو ساٿي آهي، علم تنگدستي ۽ خوشحالي ۾ رهنما (Guide) آهي، علم دشمنن جي مقابلي ۾ هٿيار آهي، علم دوستن جي ويجهوزينت آهي، الله پاڪ علم جي ذريعي سان قومن کي بلندي ۽ برتري عطا ڪري ڀلائي جي معاملي ۾ قائد ۽ امام ڪندو آهي پوءِ انهن جي نشانات ۽ افعال جي پيروي ڪئي ويندي آهي، عالمن جي رائي کي حرفِ آخر سمجهيو ويندو آهي ۽ ملائڪ عالمن جي دوستي ۾ رغبت ڪندا آهن، انهن کي پنهنجي پرن سان مس ڪندا آهن، عالمن جي لاءِ هر خشڪ ۽ تر شيءِ، سمنڊ جون مڇيون، جاندار، خشڪي جا درندا ۽ چوپايا استغفار ڪندا آهن، علم جهالت جي مقابلي ۾ دِلين جي زندگي آهي، علم تاريڪين جي مقابلي ۾ اکين جو نُور آهي، علم جي ذريعي ٻانهو اولياءِ ڪرام جي منزلن

کي ماڻيندو آهي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ بلند رتبي تي پهچي ويندو آهي،علم ۾ غور وفکر ڪرڻ روزن جي برابر آهي،علم سکڻ سيکارڻ نماز جي برابر آهي، علم جي ذريعي صله رحمي (رشتيدارن سان ڀلائي) ڪئي ويندي آهي، علم سان حلال ۽ حرام جي سڃاڻپ حاصل ٿيندي آهي، علم عمل جو امام آهي ۽ عمل ان جي تابع آهي ۽ خوش بختن کي علم جو الهام ڪيو ويندو آهي جڏهن ته بدبختن کي علم کان محروم ڪيو ويندو آهي.

(الترغيب والترهيب، كتاب العلم، باب الترغيب في العلم،٥٢/١ حديث: ٨)

علم حاصل کرو جہل زائل کرو پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بُزُرگ سڳورن جو علم بابت شوق

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته علمِ دِين حاصل ڪرڻ وارن خوش نصيبن جي لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون خوشخبريون آهن، پر اها ڳالهه به ذهن نشين ڪري ڇڏيو ته جيڪا شيءِ جيتري اهم هوندي آهي ڪڏهن ڪڏهن ان کي حاصل ڪرڻ به ايترو ئي دشوار (Difficult) ٿيندو آهي. طرح طرح جون رڪاوٽون، پريشانيون ۽ مشڪلاتون انسان جي سامهون بيهي رهنديون آهن ۽ پوءِ اهو ئي شخص ڪامياب ٿيندو آهي، جنهن جا ارادا مضبوط هجن، نيت صاف هئڻ سان گڏوگڏ ربّ ڪائنات جي ذات تي ڪامل ڀروسو به هجي، ڇوته علم حاصل ڪرڻ اهڙي شيَءَ آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ ۾ نه صرف دُنياوي مشڪلاتون ايندڙيون آهن بلڪ شيطان به طالبِ علم دِين جي ذهن ۾ طرح طرح سان وسوسا پيدا ڪري ان عظيم نعمت سان محروم ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهي ۽ جنهن تي شيطان لعين جو اهو وار هلي وڃي ته هو ان کي پنهنجي تمام وڏي ڪاميابي تصور ڪندو آهي ۽ گهڻو خوش ٿيندو آهي جيئن ته

## شيطان جو تخت

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مكتبة المدينہ جي كتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ ۾ آهي:

نَمازِ عصر كان پوءِ شيطان سمنڊ تي گڏ ٿيندا آهن، اِبليس جو تَخت (Throne) لڳندو آهي، شيطانن جا كم كار پيش ٿيندا آهن، كو چوندو آهي: ان ايترو شراب پياريو، كو چوندو آهي، ان ايترين بدكاريون كرايون (شيطان) سيني جي ٻڌي. كنهن چيو: مون اڄ فُلاڻي طالِبِ علمِ (دين) كي پڙهڻ كان پري ركيو. (شيطان اهو) ٻڌندي ئي تَخت تان ٽپو ڏئي لٿو ۽ ان كي سيني سان لڳائي چيائين: اَنْتَ اَنْتَ (يعني بس) تُو (زبردست) كم كيو. ٻيا شيطان اها كيفيت ڏسي سڙي ويا تہ اُنهن ايڏا وڏا كم كيا، انهن كي كجھ نہ چيائين ۽ هن (شيطان جي چيلي) كي (طالبِ علم دين كي صِرف هك موكل كرائڻ تي) ايتري شاباش ڏني! اِبليس چيو: توكي خبر ناهي جيكو كجھ تو كيو، سڀ ان ئي (علمِ دين پڙهڻ سان روكڻ واري) جو صدقو آهي. جيكڏهن (دِيني) عِلم هجي تہ اهي (ماڻهو) گُناهہ نہ كن ها. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، حصّہ سوم ص 356)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطان جيتري قدر علمِ دين سكڻ سيكارڻ وارن سان دُشمني ركندو آهي، ايتري كنهن ٻي سان ناهي ركندو ۽ انهن كي علمِ دين كان پري كرڻ جي لاءِ طرح طرح جا وسوسا وجهندو آهي. اها حقيقت آهي تہ راهہ علم جو سفر آسان نہ آهي پر شوق جي سواري ساڻس هجي تہ دُشواريون منزل تائين پهچڻ ۾ رُكاوٽ نٿيون بڻجن. اسان جا بزرگ سڳورا وڏي شوق ۽ چاهہ سان علمِ دين حاصل كندا هئا، اچو! ترغيب طور كجھ حكايتون ملاحظہ كريو:

## صحابي رسول جو شوقِ علم

حضرت سَيِدُنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري وفات وقت مان ننڍو هئس- پنهنجي هڪ هم عمر انصاري ڇوڪري کي مون چيو هل اصحابِ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽان علم حاصل ڪريون، ڇاڪاڻ ته هينئر اهي گهڻا آهن- انصاري جواب ڏنو. ابنِ عباس توهان به عجيب انسان آهيو، ايترن صحابه ڪرام جي موجودگي ۾ ماڻهن کي توهان جي ڪهڙي ضرورت پوندي! ان تي مون انصاري ڇوڪري کي ڇڏي ڏنو ۽ پاڻ علم حاصل ڪرڻ لڳي ويس. ڪيئي ڀيرا ائين ٿيو جو خبر پئي ته فُلاڻي صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه وٽ فُلاڻي حديث آهي مان ان جي گهر ڊوڙندي ويندو هئس- جيڪڏهن هو آرام ڪري رهيا هوندا ته مان پنهنجي چادر جو وهاڻو ناهي ان جي دروازي تي پيو هوندو هئس ۽ گرم هوائون منهنجي چهري کي ساڙيندڙيون هيون. جڏهن هو صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه ٻاهر ايندا هئا ۽ مون کي هن حال ۾ ڏسندا هئا ته متاثر ٿي چوندا هئا، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چاچي جا پٽ اوهان ڇا چاهيو ٿا؟ مان چوندو هئس ٻڌو آهي اوهان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فُلاڻي حديث روايت ڪريو ٿا، انهيءَ جي طلب ۾ حاضر ٿيو آهيان- اهي چوندا هئا اوهان ڪنهن کي موڪليو ها ۽ مان پاڻ هليو اچان ها- مان جواب ڏيندو هئس: نه، هن ڪم جي لاءِ پاڻ مون کي ئي اچڻ گهرجي ها- هن کان پوءِ اهو ٿيو جو جڏهن اصحاب رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گذري(وفات ڪري) ويا ته اهو ئي انصاري ڏسندو هو ته ماڻهن کي منهنجي ڪيتري ضرورت آهي ۽ حسرت سان چوندو هو: ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه توهان مون کان گهڻا عقل مند هئا. (سنن دارمي،١/١٥٠،حديث:٥٧٠)

دو عالَم نہ کیوں ہو نثارِ صحابہ کہ ہے عرش منزل وقارِ صحابہ

امیں ہیں یہ قرآن و دینِ خدا کے مدارِ ہُدیٰ اعتبارِ صحابہ

صحابہ ہیں تاجِ رِسالت کے لشکر رسولِ خدا تاجدارِ صحابہ

## محدثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو شوقِ علم

محدِّث ِ اعظم پاڪستان حضرتِ مولانا سردار احمد قادري رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي مطالعي جو ايترو شوق هو جو مسجد ۾ نمازِ باجماعت ۾ ڪجھ دير ٿيندي هئي تہ ڪنهن ڪتاب جو مُطالعو ڪرڻ شروع ڪندا هئا. جڏهن پاڻ منظر الاسلام بريلي شريف ۾ زيرِ تعليم هئا تہ ساٿي شاگردن جي سمهڻ کان پوءِ بہ محلہ سوداگران ۾ لڳل لالٽين (Laltern) جي روشني ۾ پنهنجو سبق ياد ڪندا هئا. سندن استادن کي هن ڳالھ جي خبر پئي تہ انهن سندن ڪمري ۾ لالٽين جو بندوبست ڪرائي ڇڏيو. (سيرتِ صدرالشريعه، ص۲۰۱)

بِحَمْدِاللہ کیا شُہرہ ہوا سردار احمد کا کہ اِک عالَم فدائی ہوگیا سردار احمد کا
زبانِ خَلق سے حق نے کیا اِعلانِ سرداری جبھی تو آج ڈنکا بَج رہا سردار احمد کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جا بُزرگ سڳورا ڪهڙي طرح ذوق وشوق سان علم دِين حاصل ڪندا هئا ۽ علم دِين حاصل ڪرڻ دوران ايندڙ ڪنهن بہ رڪاوٽ کي منهن ڏئي ان جو حل ڪڍي علم دِين کي حاصل ڪندا هئا. بزرگانِ دِين جي هنن واقعن کي ذهن ۾ رکي اچو! ٿورو اسان پنهنجي باري ۾ سوچيون ٿا تہ ڇا ڪڏهن اسان بہ علم ِدِين جون فضيلتون ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇا اسان ڪڏهن علمِ دين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؟ ڇا اسان بہ ڪڏهن اهو سوچيو تہ علم دِين حاصل ڪرڻ ۾ اسان جي لاءِ ڪهڙيون رڪاوٽون آهن؟ ۽ انهن جو ڇا حل آهي؟ ڇا اسان ڪڏهن اهلِ علم کان هن باري ۾ مشورو ڪيو؟ جڏهن تہ ٻي پاسي اسان جو حال هي آهي تہ ڪاروبار (Business) جي لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي تجربيڪار ماڻهن سان مشاورت

ڪريون ٿا، ڪاروباري ترقي ۽ مسئلن جي حل جي لاءِ هڪ ملڪ کان ٻي ملڪ تائين جو سفر ڪيون ٿا، جڏهن تہ علم دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ نہ تہ اسان وٽ وقت آهي ۽ نہ ئي علم دِين حاصل ڪرڻ ۾ ايندڙ رڪاوٽن جو اسان وٽ ڪو حل موجود آهي.

## علم دِين سکڻ جي لاءِ سفر ڪرڻ بزرگانِ دِين جو طريقو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفر ڪرڻ اسان جي بُزرگانِ دِين جو طريقو آهي، اهي ڪيئي ڪيئي ڏينهن ۽ مهينن جو سفر انن، گهوڙن تي يا پيدل ڪري وڏي محنت ۽ چاهہ سان علم حاصل ڪندا هئا جڏهن تہ اڄ اسان وٽ جديد دور جون سهولتون (Facility) موجود آهن، سفر جي لاءِ گاڏيون موجود آهن جن جي ذريعي مهينن جو سفر ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن جو سفر ڪلاڪن ۾ ۽ ڪلاڪن جو سفر منٽن ۾ طئي ٿي ويندو آهي، ان جي باوجود بہ اسان ۾ علم جو شوق پيدا ناهي ٿيندو. اُن دور جو سفر گهڻو ڏکيو هوندو هو ڪن وٽ تہ سفر جو سامان بہ نہ هوندو هو ۽ اهي بُک اُڃ ۽ گرمي جي شدت ۽ سفر جي مشقت کي برداشت ڪندي وڏي شوق سان سفر ڪرڻ وارا هئا پر افسوس! هن زماني ۾ سفر گهڻو آسان ٿي چڪو آهي پوءِ بہ اسان ۾ علم سکڻ جو جذبو ختم ٿيندو پيو وڃي. ها! دنيا جي لاءِ هن آساني مان ڀرپور فائدو ڪنيو ويندو آهي. دولت ڪمائڻ ۽ ڪاروبار جي لاءِ هزارين مِيلن جو سفر طئي ڪري هڪ شهر کان ٻي شهر بلڪ ٻاهرين ملڪ وڃڻ بہ برداشت ڪيو ويندو آهي. ڪنهن کي 3 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جي دعوت پيش ڪئي وڃي تہ ماءُ پيءُ، زال، ٻارن ۽ گهروارن جي ياد ايندي آهي پر مال ڪمائڻ جي لاءِ انهن سيني جي جدائي بہ برداشت ٿي ويندي آهي بلڪ جيڪڏهن گهر وارا منع ڪن تہ انهن کي هن طرح قائل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندا آهن تہ مان اوهان جي مستقبل (Future) جي لاءِ ئي اهو سڀ ڪجهہ ڪري رهيو آهيان، بس ڪجهہ سالن ئي جي تہ ڳالهہ آهي، اسان جون معاشي حالتون بهتر

ٿي وينديون، مان قرض ۾ وڪوڙجي چڪو آهيان ان ڪري ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان تہ جيئن قرض لاهي سگهان وغيره وغيره ڳالهين سان گهر وارن کي بہ راضي ڪندا آهيون. افسوس صد افسوس! اسان مال دولت ڪمائڻ جي لاءِ تہ سُهڻا خواب ڏسندا آهيون، دولت وڌائڻ جا نوان نوان حيلا بہ سوچيندا آهيون ۽ رات ڏينهن مال جي ڄار ۾ ڦاسي سفر ڪرڻ جي لاءِ بيقرار ۽ ننهن چوٽي جو زور لڳائڻ جي لاءِ تيار رهون ٿا پر علم ِدِين سکڻ جي لاءِ مسجد درس ۾ ڪجھ منٽ ويهڻ جي لاءِ اسان وٽ وقت نہ آهي، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ حاضري جي فرصت ناهي، گهر ۾ آساني سان مدني چينل جي ذريعي معلومات جو ڪوڙ خزانو گڏ ڪرڻ لاءِ اسان جي دل ناهي چاهيندي ۽ راهِ خدا ۾ 3 ڏينهن مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ گهر وارن کان جُدائي اسان کان برداشت ناهي ٿيندي. جڏهن تہ جيڪي ماڻهو علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ راه خدا ۾ سفر ڪن ٿا اهي وڏا سعادت مند آهن جيئن تہ

حضرتِ سَيدُنَا ابُودَرْدَاء رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو علم جي ڳولا ۾ ڪنهن رستي تي هلي ٿو تہ الله تعاليٰ اُن جي لاءِ جنّت جو رستو آسان فرمائي ڇڏي ٿو ۽ بيشڪ ملائڪ طالبِ علم جي عمل کان خوش ٿي ان جي لاءِ پنهنجا پر وڇائين ٿا، ۽ بيشڪ زمين ۽ آسمان ۾ رهڻ وارا ايستائين جو پاڻي ۾ مڇيون عالمِ دين جي لاءِ اِسَتِغفار ڪن ٿيون. (ابن ماجه ، کتاب السنة ،۱۴۵/۱، حديث:۲۲۳ )

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني مذاڪرو"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اميرِاهلسُنَّت،باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه علم بيشُمار خزانن جو مجموعو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سُوال آهي. جي قول کي عملي جامو پارائيندي مدني مذاڪري جوسِلسلہ شُروع ڪيو

جيڪو 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم بہ آهي. ڪثير اسلامي ڀائر مَدَني مُذاڪرن ۾ عقائد و اَعمال، فضائِل و مَنَاقِب، شريعت و طريقت، تاريخ وسيرت، سائنس وطِبّ، اَخلاقيات ۽ اِسلامي معلومات، معاشي، سماجي، تنظيمي معاملن ۽ ٻين ڪافي موضوعن جي باري ۾ مختلف قسم جا سوال ڪندا آهن ۽ شيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن کي حڪمت ڀريا ۽ عشقِ رسول سان ڀريل جوابن سان نوازيندا آهن. هن مدني ڪم جا بيشُمار دِيني ۽ دُنيوي فائدا آهن، ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان علمِ دِين حاصل ٿيندو آهي. ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذِهن ملندو آهي. ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان دِيني معلومات (Islamic Information) سان گڏوگڏ اَخلاقي ۽ تنظيمي تربيت بہ نصيب ٿيندي آهي. اچو! تَرغِيب لاءِ هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ پابندي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ جي نِيت ڪريو.

## فيشن جو شوقين سُڌري ويو

ليہ شهر (پنجاب، پاڪستان) جو رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ سنّتن کان پري فيشن جي نشي ۾ مست هو، نئين فيشن وارو لباس پائڻ، فضوليات ۽ لغويات ۾ پنهنجو قيمتي وقت ضائع ڪرڻ انهن جو معمول هو. ذڪرِ الٰهي کان بلڪل غافل ٿي چڪو هو، نيڪين واري زندگي گذارڻ جو ذهن ڪجهہ هن طرح ٿيو جو هڪ ڀيري ان کي”مدني مذاڪرو“ ٻڌڻ جي سعادت ملي، هن جي برڪت سان ان جي زندگي جو رخ ئي بدلجي ويو. اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عام فهم انداز ۾ بيان ڪيون ويندڙ ڪوڙ معلومات جو ”انمول خزانو“ لُٽڻ جو سنهري موقعو مليو، خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ جي روشنيءَ سان ان جي تاريڪ دل روشن ٿي وئي، اڳوڻي زندگي تي شرمساري ٿيڻ لڳي، لهٰذا ان باقي زندگي کي غنيمت سمجهندي فيشن (Fashion) جي نُحُوست کان جان ڇڏائي ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ ۽ نمازن جي پابندي جو پڪو عزم ڪيائين جلد ئي مٿي تي سبز سبز عمامہ شريف سجائي ورتو، ڏاڙهي شريف سان چهرو

پُرنور ڪري ورتو ۽ نيڪين تي استقامت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو. نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ان جو معمول بڻجي ويو.

عطائے حبیبِ خدا مَدَنی ماحول ہے فَیضانِ غَوث و رضا مَدَنی ماحول
سنور جائیگی آخِرت اِنْ شَآءَ الله تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول
سلامت رہے یا خدا مَدَنی ماحول بچے نظرِبد سے سدا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شرعي مسئلا حل ڪرڻ جو نرالو انداز

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”حافظه ڪيسے مضبوط هو؟“ جي صفحي نمبر 52 تي لکيل آهي تہ حضرت سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جهڙي جليل القدر امام جو شمار حضرت سيدنا امام محمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي شاگردن ۾ ٿيندو آهي، هڪ ڀيري امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي استاد حضرت سيدنا امام محمدرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه وٽ هڪ رات قيام فرمايو، جڏهن رات ٿي تہ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نفلن جي ادائيگي جي لاءِ الله ڪريم جي بارگاهہ ۾ بيهي رهيا جڏهن تہ حضرت سيدنا امام محمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه بستر تي ئي آرام فرما رهيا، جڏهن فجر جو وقت ٿيو تہ امام محمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه بنا وضو ڪرڻ جي نماز ادا ڪئي، امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کي هن تي گهڻو تعجب ٿيو، پاڻ ڪان بي وضو نماز ادا ڪرڻ جو سبب پڇيائون تہ حضرت سيدنا امام محمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ارشاد فرمايائون: اوهان سڄي رات نفل ادا ڪري فقط پنهنجي لاءِ عمل ڪيو جڏهن تہ مون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سموري اُمّت جي لاءِ اهو

عمل ڪيو جو سڄي رات بستر تي ويهي ڪري قرآن شريف مان ديني مسئلا ڪڍندو رهيس ۽ اجوڪي رات مون هزار کان وڌيڪ مسئلا ڪڍيا آهن.

حضرت سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: جڏهن مون سندن اهو جواب ٻڌو تڏهن کان ئي مان پنهنجي شب بيداري تي سندن جي شب بيداري کي ترجيح ڏيان ٿو. ( مناقب الامام الاعظم للكردري، ١٥٩/٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان اسان کي ڪيئي مدني گل حاصل ٿيا، مثال طور الله وارن جي هر گهڙي عبادت ۽ رياضت ۾ گذرندي آهي، الله وارا پنهنجي قيمتي وقت جي قدر ڪندي ان کي فضوليات ۾ ضائع نٿا ڪن، الله وارا قرآنِ ڪريم جي آيت سڳورين ۾ غور و فڪر جي سمنڊ ۾ ٻڏل رهن ٿا، الله وارن جو حافظو نهايت ئي مضبوط (Strong) هوندو آهي، الله وارن جي دلين ۾ اُمّت جي خير خواهي جو حقيقي جذبو موجود هوندو آهي، الله وارا علم سان محبت ڪرڻ وارا ۽ ان کي ڦهلائڻ وارا هوندا آهن جيئن ته ڪروڙين حنفين جي عظيم پيشواحضرت سَيدُنا امامِ اعظم ابوحنيفہرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي شاگردِ رشيد امام محمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي باري ۾ اسان ٻڌو ته پاڻ پنهنجي يادداشت جي بنياد تي صرف هڪ رات ۾ قرآنِ ڪريم ۾ غور و فڪر ڪري هڪ ٻه نه بلڪ هزار شرعي مسئلن کي ڳولهيو. اي ڪاش! عبادت ۽ رِياضت، وقت جي قدر ۽ اهميت، قرآنِ ڪريم ۾ غور و فڪر، اُمتِ محمديہ جي خير خواهي ۽ علمِ دين ڦهلائڻ جي اها عظيم نعمت الله ڪريم اسان کي به عطا ڪري ۽ اسان کي به علمِ دين سکي ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي ٻين تائين پهچائڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان کي به پنهنجو ذهن بڻائڻ گهرجي ڇوته جيستائين انسان ڪنهن ڪم جي لاءِ ذهني طور تي

تيار نہ هجي، اهو ڪم ڪيترو ئي آسان چو نہ هجي، مشڪل لڳندو آهي، پر جڏهن ان ڪم ڪي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو وڃي ۽ ان جي لاءِ ڪوشش بہ ڪئي وڃي تہ مشڪل کان مشڪل ڪم بہ آسان ٿي ويندو.

علم دِين جون فضيلتون، فائدا ۽ بُزرگانِ دِين جي شوقِ علم ۽ حُصولِ علم جا واقعا پڙهي اسان ۾ بہ علم جو شوق پيدا ٿيو هوندو تنهنڪري دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ هن جذبي کي عملي جامو پارائيندي علم دِين سکڻ ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي. ياد رکو! جهڙي طرح کائڻ پيئڻ اسان جي جسم جي غذا (Diet) آهي، اهڙي طرح علم اسان جي دل جي غذا آهي، جيڪڏهن جسم کي کاڌو نہ ڏنو وڃي تہ هو ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ مسلسل ڪئي ڏينهن تائين بکايل رهڻ جي ڪري موت بہ ٿي سگهي ٿو، اهڙي طرح علم دل جي غذا آهي جيڪڏهن دل کي علم جي نور سان منور نہ رکيو وڃي تہ اها بہ مُرده ٿي ويندي آهي، جيئن تہ

## دل جي غذا علم ۽ حڪمت آهي

هڪ ڀيري حضرت سيدُنا فتح مُوصلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه حاضرين کان پڇيائون: جڏهن مريض کي کائڻ پيئڻ ۽ دواء کان روڪيو وڃي تہ ڇا اهو مري ناهي ويندو؟ ماڻهن عرض ڪيو: جي ها. تہ پاڻ فرمايائون: اهو ئي معاملو دل جو آهي جڏهن ان کي 3 ڏينهن تائين علم ۽ حڪمت کان روڪيو وڃي تہ اها بہ مري ويندي آهي.

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا فتح مُوصلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن سچ فرمايو ڇوتہ دل جي غذا علم و حڪمت آهي ۽ هنن ٻنهي سان دل زنده رهندي آهي جيئن جسم جي غذا کائڻ پيئڻ آهي، جنهن علم کي نہ حاصل ڪيو ان جي دل بيمار آهي ۽ ان جو موت يقيني آهي پر ان کي هن ڳالهہ جو شعور ناهي هوندو ڇوتہ دنيا ۾ مشغوليت ان جي احساس کي ختم ڪندي

آهي ۽ جڏهن موت ان مشغلن کي ختم ڪندي آهي ته اها گهڻي تڪليف محسوس ڪندي آهي ۽ ان کي بي انتها افسوس ٿيندو آهي ۽ نبي اڪرمصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن فرمانِ عاليشان: اَلنَّاسُ نِيَامٌ فَاِذَامَاتُوْا اِنْتَبَهُوْا. يعني ماڻهو سُتل آهن جڏهن مري ويندا ته بيدار ٿي ويندا. مان به اهو ئي مراد آهي.

(حلية الاولياء،سفيان ثوري،۵۴/۷، حديث:۹۵۷۶) (لباب الاحياء ،ص۲۴)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪهڙو علم حاصل ڪرڻ فرض آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دينِ اسلام هر هڪ کي ان جي ضرورت مطابق عِلْمِ دِين سکڻ جو گهڻو تاڪيد ڪيو آهي جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ يعني علم جو حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد (۽ عورت) تي فرض آهي. (سُنَنِ اِبن ماجه، ج۱ ،ص۱۴۶ ،حديث: ۲۲۴)

هاڻي سوال هي آهي ته اهو ڪهڙو علم آهي جنهن جو حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض قرار ڏنو ويو آهي ۽ جنهن کي حاصل ڪرڻ جو پيدائش کان وٺي موت تائين حڪم ڏنو ويو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ چِين (China) جهڙي ٻاهرين ملڪ ۾ وڃڻ جي مشقت ۽ تڪليف به ڪٽڻي پئي ته ضرور ڪٽي پر علم حاصل ڪري.

ظاهر آهي ته هن جو مطلب هي ته نه آهي ته سڀئي علوم حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهن. (بهارِ شريعت۱۰۲۹/۳) ته پوءِ هن مان ڇا مراد آهي. اچو! هن باري ۾ اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت، مولانا شاه امام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جيڪو ڪجهه فرمايو آهي، ان جو آسان لفظن ۾ خُلاصو پيشِ خدمت آهي، جيئن

پاڻ فرمائن ٿا: سڀ کان پهريان ۽ اَهم ترين فرض اهو آهي ته بُنيادي

عقيدن جو علم حاصِل ڪري. جنهن سان انسان صحيح العقيده سُنّي بڻجي ٿو ۽ جن جي انڪار ۾ مُخالَفَت سان ڪافِر يا گمراه ٿي ويندو آهي. هن کان پوءِ نماز بابت مسئلا يعني ان جا فرض، شرط ۽ مُفسِدات (يعني نماز ٽوڙڻ واريون شيون) سکي ته جيئن نماز صحيح طور تي ادا ڪري سگهي. پوءِ جڏهن رَمَضانُ المبارَڪ جي تشريف آوري ٿئي ته روزن جا مسئلا، مالِڪ نصابِ نامي (يعني حقيقةً يا حڪماً وڌڻ واري مال جي نِصاب جو مالڪ) ٿئي ته زڪوٰة جا مسئلا، صاحِبِ اِستِطاعت هجي ته حج جا مسئلا، نِڪاح ڪرڻ چاهي ته ان جا ضروري مسئلا، واپاري هجي ته خريد و فروخت جا مسئلا، بني پوکيندڙ يعني هاري (۽ زميندار) بني باري جا مسئلا، مُلازِم بڻجڻ ۽ ملازِم رکڻ وارن تي اجاري جا مسئلا. وَ عَلٰي هٰذَا القِياس (يعني ۽ هن تي قِياس ڪندي) هر مُسلمان عاقِل و بالغ مرد ۽ عورت تي ان جي موجوده حالت مطابِق مسئلا سکڻ فرضِ عين آهن. (ماخوذاز فتاوٰی رضويہ ، ۶۲۳،۶۲۴/۲۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي مبارڪ فتوي مان معلوم ٿيو ته هر عاقل، بالغ، مرد عورت تي عقيدن جو علم سکڻ، وضوء، غسل، نماز ۽ روزي جا مسئلا سکڻ، صاحبِ نصاب هئڻ جي صورت ۾ زڪوٰة جا مسئلا، حج فرض هئڻ تي حج جا مسئلا، ڪاروبار ڪرڻ وارن تي خريدو فروخت جا مسئلا سکڻ فرض آهن. اچو! هاڻي اسان پنهنجي باري ۾ غور ڪيون ٿا ته اسان تي ڪهڙو علم سکڻ فرض آهي ۽ اسان کي ان جي ڪيتري معلومات (Sciences) آهي. سڀ کان پهريان عقيدن جي علم تي ئي غور ڪيو. علمِ عقائد هڪ اهم علم آهي هن ۾ اهو بيان هوندو آهي ته الله پاڪ جي ذات ۽ صفتن جي باري ۾ مسلمانن کي ڪهڙو عقيدو رکڻ گهرجي، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام، حضراتِ صحابہ ۽ اولياء رِضْوَانُ الله عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جي باري ۾ ڇا عقيدو هئڻ گهرجي، قيامت ۽ احوالِ قيامت ڪهڙا آهن، جنّت ۽ دوزخ ڇا کي چون ٿا ۽ انهن جي باري ۾ ڪهڙو عقيدو رکڻ گهرجي، ڪهڙين ڪهڙين شين تي ايمان آڻڻ ضروري آهي ۽ ڪهڙين شين جو انڪار انسان کي ڪفر و

گمراهي جي عميق (گهري) کڏ ۾ اڇلائيندو آهي ۽ کهڙا اهڙا فعل آهن جن کي ڪرڻ سان انسان اسلام جي دائري کان ٻاهر ٿي ويندو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي باري ۾ غور ڪريون ته اسان ڪي هنن عقيدن جي ڪيتري معلومات حاصل آهي؟ اسان مان ڪيترن ماڻهن هنن عقيدن (Trends) جي باري ۾ دِيني ڪتابن جو مطالعو ڪيو؟ يا ڪنهن سُني عالم صاحب وٽ وڃي اهو علم سکڻ جي ڪوشش ڪئي؟ اسان جي معاشري ۾ ڪوڙ اهڙا نادان به آهن جيڪي پنهنجي لاعلمي جي ڪري الله ڪريم جي ذات تي اعتراض ڪندا آهن، ڪِل ڀوڳ ۾ ملائڪن، جنّت و دوزخ جي باري ۾ توهين سان ڀريل جملا بڪي ويندا آهن ۽ اهڙي طرح پنهنجي ايمان کي ضايع ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهن کي خبر تائين ناهي هوندي. هن باري ۾ گهٽي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ اميراهلسنت، باني دعوتِ اسلامي جي ڪتاب "ڪفريه ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب" جو مُطالَعو بيحد مفيد آهي. هن ڪتاب کي مڪتبة المدينه جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪريو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي ڊاؤن لوڊ (Download ) ڪري پڙهي وٺو.

## عبادات جو علم:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح عبادتون ڪرڻ کان پهريان به هن باري ۾ علم هئڻ ضروري آهي. اسان مان ڪيئي ماڻهو اهڙا به هوندا جيڪي ڪيئي سالن کان نمازون پڙهي رهيا هوندا، پر تي سگهي ٿو ته انهن کي نماز جا فرض ۽ شرط معلوم نه هجن، ڪو نماز جي واجبات کان ناواقف هوندو، ڪنهن جي قراءت درست نه هوندي ته ڪنهن کي سجدو ڪرڻ جو درست طريقو معلوم نه هوندو. اهو ئي حال روزو رکڻ وارن جو آهي ته عرصي کان هر سال رمضان جا روزا رکن ٿا ۽ هڪ روزو به ڇڏڻ پسند نٿا ڪن پر ڇا اسان کي اهو معلوم آهي ته روزو ڪهڙين شين کان ٽُٽي پوندو آهي؟ اهي ڪهڙا ڪم آهن جن سان روزي جو ڪفارو لازم ايندو آهي يا قضا ۽ ڪفارو ٻئي واجب

ٿيندا آهن؟ اهڙي طرح جن خوش نصيبن کي حج جي سعادت نصيب ٿيندي آهي تہ ڇا انهن کي حج جا مسئلا، عمرو ڪرڻو آهي تہ عمري جا مسئلا معلوم هوندا آهن؟ بعض نادان اهڙا بہ آهن جيڪي حج جي معلومات حاصل ڪرڻ بدران ائين چوندا آهن تہ بس حج جي لاءِ هليا وڃو، اتي جيڪي سڀ ماڻهو ڪري رهيا هوندا انهن کي ڏسي ڪري اسان بہ ڪري وٺنداسين. ٿورو غور ڪريو! ايترو پيسو خرچ ڪرڻ، ملڪ ۽ گهر ٻار ٻچن کان پري رهڻ کان پوءِ بہ جيڪڏهن اسان جو فرض حج ادا نہ ٿئي تہ پوءِ هنن سڀ قربانين جو ڪهڙو فائدو؟ تنهنڪري نماز روزي ۽ حج وعمره جي باري ۾ مفيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي هنن ڪتابن ”نماز جا احڪام“ ”فيضانِ رمضان“ ۽ ”رفيق الحرمين“ جو مطالعو ڪريو. يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي ڊاؤن لوڊ (Download) ڪري پڙهي وٺو.

## زڪوٰة جو علم:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح زڪوٰة بہ دِينِ اسلام جو هڪ اَهم رُڪن (Pillar) آهي جيڪا صاحبِ نصاب شخص تي فرض ٿيندي آهي. پر اسان مان ڪيترا اهڙا هوندا جن کي صاحبِ نصاب جو مفهوم بہ معلوم نہ هوندو، زڪوٰة ڪڏهن فرض ٿيندي آهي، ڪيتري مال تي ڪيتري زڪوٰة ٿيندي آهي، زڪوٰة جا اصل حقدار ڪير آهن ۽ ان جي علاوه بہ زڪوٰة جي باري ۾ ڪيئي مسئلن کان اسان جي اڪثريت لاعلم هوندي آهي جنهن جي ڪري شرعي طور تي جيتري زڪوٰة ٿيندي آهي اها پوري ادا نٿا ڪن ۽ گنهگار ٿيندا آهن. زڪوٰة جا مسئلا سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا بہ (2) ڪتاب ”فيضانِ زڪوٰة“ ۽ ” فتاوي اهلسنت احڪامِ زڪوٰة“ جو مطالعو ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!      صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عِلم حاصل ڪرڻ جا ذريعا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها ڳالهہ ذهن نشين رهڻ گهرجي تہ هر هڪ کي

پنهنجي ضرورت مطابق عِلمِ دِين سکڻ گهرجي. علم دين حاصل ڪرڻ جا ڪيئي ذريعا آهن مثال طور (١) جامعة المدينہ ۾ داخلا وٺي باقاعده طور تي علمِ دين حاصل ڪرڻ (٢) عالم سڳورن جي صحبت اختيار ڪرڻ (٣) مڪتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو مُطالعو ڪرڻ (۴) عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ (۵) سو فيصدي اسلامڪ چينل مدني چينل جا معلومات سان ڀرپور سلسلا ڏسڻ ۽ (٦) 12 مدني ڪم خاص ڪري هفتيوار مدني مذاڪري ۾ اوّل کان آخر شريڪ ٿيڻ. جيڪڏهن اسان انهن مان جيترا وڌيڪ ذريعا اپنائينداسين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ايتري قَدَر اسان جي معلومات ۾ علمِ دِين ۾ اِضافو ٿيندو ويندو. پر ياد رهي! صرف علم سکڻ ئي ڪافي نہ آهي بلڪ علم حاصل ڪرڻ جي ادبن مان هڪ ادب اهو بہ آهي تہ جيڪو علم سکيو ان مان فائدو بہ ڪنيو وڃي ۽ علم مان نفعو ڪڻڻ هي آهي تہ ان علم تي عمل ڪيو وڃي چوتہ هي علم ۾ اضافي جو سبب آهي جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ عَمِلَ بِمَا عَلِمَ وَرَثَه الله عِلْمَ مَا لَمْ يعْلَمْ جنهن پنهنجي علم تي عمل ڪيو تہ الله پاڪ ان کي اهڙو علم عطا ڪندو جيڪو هو اڳ ۾ نہ ڄاڻندو هو.

(حلية الاولياء ، احمد بن ابي الحواري ،١٣/١٠، حديث: ١۴٣٢٠)

اَحکامِ شرع پر مجھے دے دے عمل کا شوق پیکر خُلوص کا بنا یاربِّ مصطفٰے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علم تي عمل جي ضرورت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علم حاصل ڪرڻ کان بعد ان تي عمل ڪرڻ بہ بيحد ضروري آهي. صرف علم جي حصول ئي کي سڀ ڪجھ سمجهڻ ۽ عمل ڏانهن رغبت نہ ڪرڻ هلاڪت جو سبب آهي. حضرت سيدنا امام محمد غزالي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي هڪ عزيز شاگرد کي نصيحت ڪندي ارشاد فرمائن ٿا:

اي اکين جا ٺار! نيڪ عملن ۽ باطني ڪمال کان خالي نہ رهجان (بلڪ ظاهر ۽ باطن کي سهڻن اخلاقن سان سينگارجان) ۽ يقين رک تہ (عمل کان سواءِ) رڳو

علم (قيامت جي ڏينهن) تنهنجي ڪم نہ ايندو جيئن ڪو شخص جهنگ ۾ هجي ۽ ان وٽ ٻين هٿيارن کان علاوه 10 ”تلوارون“ بہ هجن ۽ اهو انهن کي استعمال ڪرڻ ۾ مهارت بہ رکندو هجي ۽ اهو بهادر بہ هجي. ايتري ۾ اوچتو هڪ وڏو خوفناڪ شينهن ان تي حملو ڪري تہ تنهنجو ڇا خيال آهي تہ استعمال ڪرڻ کانسواءِ صرف هٿيارن جي موجودگي، ان کي انهيءَ مصيبت کان بچائي سگهي ٿي؟ يقيني طور تي تون چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو تہ انهن هٿيارن کي استعمال ۾ آڻڻ کانسواءِ ان حملي مان نہ ٿو بچي سگهجي. ان ڪري ياد رک تہ جيڪڏهن ڪو شخص هڪ لک علمي مسئلن تي عبو حاصل ڪري ۽ هو ان جي تعليم بہ ڏيندو هجي، پر ان جو پنهنجي علم تي عمل نہ هجي، تہ ان کي ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو. (ايها الولد،ص٢٥٨)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس مكتبةُ المدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني تَحريڪ دعوتِ اسلامي ڪم وبيش 104 شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌُومون مچائڻ ۾ مَصروف آهي، جن مان هڪ شعبو مجلس مكتبة المدينہ بہ آهي. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جو آغاز ١۴٠٦ھ بمطابق 1986ء ۾ فرمايو ۽ سڀ کان پهريان بيانن جون آڊيو ڪيسٽون جاري ڪيون ويون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ مكتبة المدينہ ان مختصر عرصي ۾ جيڪا ترقي ڪئي اها پنهنجو مثال پاڻ آهي، هن مُختَصَر عرصي ۾ مكتبة المدينہ تان سَرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ اَلْمَدِينَة الْعِلْمِية جا ڪتاب بہ ڇپجي لکن جي تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچي سُنتن جا گُل مهڪائي رهيا آهن.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تِری دُھوم مچی ہو!

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ علمِ دين جو نور ڦهلائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس آئي ٽي (I.T) جي تعاون سان ”دارالافتاء اهلسنّت“ موبائل ايپليڪيشن (Application) به اچي چڪي آهي ۽ مزيد ترقي جو سفر جاري آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو ته**

- ضرورت موجب عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهي.
- عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفر ڪرڻ اسان جي بزرگ سڳورن جو طريقو آهي.
- عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ وارن جون الله پاڪ مشڪلاتون آسان ڪندو آهي .
- عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ وارن جي لاءِ ملائڪ پنهنجا پر وڇائيندا آهن.
- عِلمِ دِين سان خوفِ خدا پيدا ٿيندو آهي.
- عِلمِ دِين سکڻ واري جي لاءِ زمين ۽ آسمان ۾ رهڻ وارا ايستائين جو پاڻي ۾ مڇيون استغفار ڪنديون آهن.
- علمِ دين سان جتي جهالت ختم ٿيندي آهي اتي درست طريقي سان عبادت جي ادائيگي به ٿيندي آهي.

الله پاڪ اسان کي علم دين حاصل ڪرڻ ان تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جامعة المَدِينہ (عالمِ دين ۽ عالمہ بڻائڻ وارو شعبو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي تحت نيڪي جي دعوت ۽ علمِ دين جي اشاعت جي لاءِ جامعات المدينہ قائم آهن جن ۾ شاگردن کي مفت تعليم سان گڏوگڏ قيام، طعام ۽ ضروري سهولتون (مثال طور ڪمپيوٽر ليب، مطالعي جي لاءِ مناسب جڳهہ ۽ ڪتاب، طِبّي علاج جي لاءِ ادويات وغيره) بہ بِلا مُعاوَضہ فراهم ڪيون وينديون آهن. هن نظام کي هلائڻ جي لاءِ صرف پاڪستان ۾ قائم جامعات المدينہ جي تعميرات جي علاوه سالانہ اَخراجات ڪروڙين ۾ آهن جيڪي اوهان جي ڏنل مدني عطيات (چندي) مان پورا ڪيا ويندا آهن. جامعات المدينہ ۽ ان ۾ زيرِ تعليم طلبہ ۽ طالبات جو تعداد ملاحظہ ڪريو:

| | |
|---|---|
| تعدادجامعات المدينه(ملڪ و بيرونِ ملڪ) | 546 (پنج سو ڇائيتاليهہ) |
| شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تقريباً تعداد | تقريباً 40109 (چاليهہ هزار هڪ سو نو) |
| استادن وغيره جو ڪل مدني عملو (اسٽاف) | تقريباً 4124 (چار هزار هڪ سو چويهہ) |
| فارغ التحصيل شاگرد ۽ شاگردياڻيون | 6871(ڇهہ هزار اٺ سو ايڪهتر) |

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح غريبن، مسڪينن، يتيمن، بيواهن، حاجَت مَندن ۽ ضرورت مند رِشتيدارن جي مالي امداد ڪرڻ وڏو ڀلائي جو ڪم آهي، اهڙي طرح زڪوٰة، صَدَقات و عَطِيات وغيره جي ذريعي عِلمِ دِين جي فُروغ خاطِر عِلمِ دِين حاصِل ڪرڻ وارن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مالي امداد ڪرڻ بہ وڏي اجر ۽ ثواب جو سبب آهي. ياد رهي! ٻين حاجَت مَندن جي مُقابلي ۾ دِين جي خاطِر پنهنجو گهربار ڇڏي مَدارِس المدينہ ۽ جامعة المدينہ ۾ رهائشي ضرورت مند شاگردن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ اُنهن جي مالي خِدمت ڪرڻ وڏيڪ ثواب جو ڪم آهي.

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "ضِيائے صَدَقات" جي صفحي 172 تي آهي: حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيِدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه نَقل ڪن ٿا: هڪ عالِم جو مَعمُول هو تہ هو صَدَقو ڏيڻ ۾ صُوفي فُقَراء

ڪي تَرجِيح ڏيندو هو. اُن کي عَرض ڪيو ويو تہ اوهان جيڪڏهن عام فُقَراء ڪي صَدَقو ڏيو تہ ڇا اهو اَفضَل ناهي؟ جواب ڏنائين: اهي نيڪ ماڻهو هر وقت الله پاڪ جي ذِڪر و فِڪر ۾ رهندا آهن جيڪڏهن انهن تي فاقو يا ڪا مُصيبت اچي تہ انهن جي مَشغِلن ۾ رڪاوٽ ايندي، تنهنڪري منهنجي ويجهو دُنيا جي هزار طلبگارن کي ڏيڻ کان بهتر آهي تہ هڪ سچّي دِيندار کي ڏيان. جڏهن حضرت سَيدُنا جُنَيد بَغْدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي اها ڳالهہ ٻڌائي وئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ان کي پسند ڪيائون ۽ فرمايائون: اهو شَخص الله پاڪ جي ولين مان آهي، مون اڄ تائين ايتري سٺي ڳالهہ نہ ٻُڌي هئي. (ضيائے صدقات،ص۱۷۲)

حضرت سَيدُنا عبدُالله بِن مُبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه (جيڪي امامِ اَعظَم ابُو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جا خاص شاگرد ۽ فقہ حنفي جي امامن مان آهن) علم وارن سان خاص ڪري ڀلائي ڪندا هئا، پاڻ کي عرض ڪيو ويو: اوهان سيني سان هڪ جهڙو معاملو ڇو نٿا رکو؟ فرمايائون مان انبياء عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ السَّلَام ۽ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کان بعد عالمن جي علاوه ٻي ڪنهن جي مقام کي بُلند نٿو سمجهان، هڪ بہ عالِم جو ڌيان پنهنجي حاجتن جي ڪري هٽندو تہ هو صحيح طرح سان دِين جي خدمت نہ ڪري سگهندو ۽ دِيني تعليم تي ان جي دُرُست توجّہ نہ ٿي سگهندي. لهٰذا اُنهن کي علمي خدمت جي لاءِ فارِغ ڪرڻ اَفضَل آهي.
(ضِيائے صَدَقات،ص۱۷۳)

لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان بہ دعوتِ اسلامي جي جامعاتُ المدينہ ۾ تعليم حاصل ڪندڙ مستحق شاگردن ۽ شاگردياڻين جي زڪوٰة ۽ صدقات وغيره جي ذريعي مدد جاري رکون، تہ جيئن انهن جي سبب دِين جو ڪم خوب مضبوط ٿئي ۽ بُرائين جو خاتمو ٿئي. اچو! اسان سڀئي نيت ڪريون ٿا تہ پنهنجي طاقت مطابق جامعات المدينہ ۾ زيرِ تعليم شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مالي امداد ڪري پنهنجي لاءِ جنت جي راهہ کي آسان ڪرڻ جو سامان ڪنداسين. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علم سکڻ وارن جي لاءِ مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! علم سکڻ وارن جي باري ۾ ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان 2 فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: جيڪو انسان علم جي ڳولها لاءِ ڪنهن راهه تي هلندو الله پاڪ ان جي لاءِ جنت جي راهه آسان ڪندو آهي. (مسلم، كتاب الذكر والدعاء،باب فضل الاجتماع على تلاوة القرآن وعلى الذكر ،ص۱۱۱۰، حديث:۶۸۵۳) (2) فرمايائون: جيڪو شخص علم جي طلب ۾ گهران نڪرندو آهي ملائڪ ان جي هن عمل مان خوش ٿي ان جي لاءِ پنهنجا پر وڇائيندا آهن. (طبراني كبير ،۸/۵۵،حديث:۷۳۵۰) ❖ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفر ڪرڻ بُزُرگان دِين جي سنت آهي. (40 فرامين مصطفى، ص۲۳) ❖ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ سُوال ڪرڻ يقيناً فضيلت جو سبب آهي پر سُوال ڪرڻ جي آدابن جو لحاظ ڪرڻ به ضروري آهي. (فيضانِ داتا علي هجويري، ص۱۳) ❖ علم خزانو آهي ۽ سُوال ڪرڻ ان جي چابي آهي. (الفردوس بماثور الخطاب،۲/۸۰،حديث:۴۰۱۱) ❖ علم سکڻ جي لاءِ سوال ڪرڻ کان شرمائڻ نه گهرجي. (اعرابي ڪے سوالات ۽ عربي آقا ڪے جوابات، ص۸) ❖ خوشامد ڪرڻ مؤمن جي اخلاق مان نه آهي پر علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ خوشامد ڪري سگهي ٿو. (شعب الايمان ،باب في حفظ اللسان،۴/۲۲۴ ، حديث: ۴۸۶۳) ❖ اهڙا سوال ڪرڻ کان به بچيو وڃي جنهن جو دنياوي يا اُخروي فائدو نه هجي. (اعرابي ڪے سوالات ۽ عربي آقا ڪے جوابات ،ص۹) ❖ علم حاصل ڪرڻ کان بعد ان کي بيان نه ڪرڻ واري جو مثال ان شخص جيان آهي جيڪو خزانو ڳڏ ڪندو آهي پوءِ ان مان ڪجهه به خرچ ناهي ڪندو. (المعجم الاوسط،۱/۲۰۴،حديث ۶۸۹) ❖ جڏهن ڪنهن عالمِ دِين کان ڪو سوال ڪرڻ هجي ته ادب طور ان کان سوال پڇڻ جي اجازت طلب ڪئي وڃي. (اعرابي ڪے سوالات ۽ عربي آقا ڪے جوابات، ص۶) ❖ علم ۾ زيادتي تلاش سان ۽ واقفيت سوال سان ٿيندي آهي ته جنهن جو توهان کي علم ناهي ان جي باري

۾ ڄاڻو ۽ جيڪو ڪجھ ڄاڻو ته ان تي عمل ڪريو. (جامع بيان العلم وفضله، ١٢٢/١،حديث: ۴٠٢) ❖ تحصيلِ علم جي لاءِ بهترين وقت ابتدائي جواني، وقت سحر ۽ مغرب ۽ عشاء جي وچ وارو وقت آهي. پر اها ڳالهه ته فضليت جي هئي پر هڪ طالبِ علم کي ته هر وقت تحصيلِ علم ۾ مستغرق رهڻ گهرجي. (راه علم ،ص٧٣) ❖ طالب علم کي لڙائي جهيڙي کان پاسو ڪرڻ گهرجي ڇوته جهيڙو ۽ فساد وقت کي ضائع ڪندو آهي. (راه علم، ص ٧۴) ❖ طالبِ علم کي علمِ دِين واري واٽ ۾ ايندڙ مصيبتن ۽ ذِلّتن کي بہ ڪنڌ جهڪائي برداشت ڪرڻ گهرجي. (ايضاً، ص٨٠) ❖ طالبِ علم جيترو وڌيڪ پرهيزگار هوندو آهي ان جو علم بہ ايتري قدر نفعي وارو ٿيندو آهي. (ايضاً ،ص ٨١) ❖ طالبِ علم کي کپي ته هر وقت ڪتاب پاڻ سان رکي ته جيئن فُرصت جي وقت انهن جو مطالعو ڪري سگهجي. ( ايضاً، ص٨۵)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیهِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الثانيۃ والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِيْمُ الْکَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[1] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305